

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

24-November-2016

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جون علمي خدمتون

(Sindhi)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# اعلٰي حضرت جون علمي خدمتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حُضُورِانور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ خُوشبودار آهي: بيشڪ توهان جا نالا ۽ سڃاڻپ مون وٽ پيش ڪئي ويندي آهي تنهنڪري مون تي اَحسَن (يعني سهڻن لفظن سان) دُرُودِ پاڪ پڙهو.

(مصنَّف عبد الرزاق،باب الصلوٰة علي النبي،۲/۱۴۰،حديث:۳۱۱۶ )

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون



www.dawateislami.net

سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امامِ اهلسُنَّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰي عَلَیۡه کي الله تبارڪ وتعاليٰ جن صفتن سان نوازيو هو، انهن سيني کي مختصر وقت ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي، تنهنڪري اڄ اسان اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِتَعَالٰي عَلَیۡه جي صرف هڪ نهايت ئي پياري وَصف يعني سندن ”علمي خِدمتن“ جي باري ۾ ٻُڌنداسين تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰي عَلَیۡه ڪهڙي نموني پنهنجي سڄي زندگي علمِ دِين جي خدمت ڪندي گُذاري.



www.dawateislami.net

اچو! سڀ ڪان پهريان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن جو مختصر تعارف ٻڌون ٿا، جيئن

## اعليٰ حضرت جو تعارف

اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنت مولانا شاه امام احمدرضا خان رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ولادتِ باسعادت بريلي شريف ۾ ڏهه (10) شَوّالُ المُڪرَّم ١٢٧٢ھ ڇنڇر جي ڏينهن ظُهر وقت بمطابق چوڏهن (14) جُون 1856ء تي ٿي.[1] اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه خانداني لحاظ کان پٺاڻ، مَسلڪ جي لحاظ کان حنفي، ۽ طريقت جي لحاظ کان قادِري هئا. سندن رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي والد سڳوري جو نالو مولانا نقي علي خان(رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه) ۽ ڏاڏي جو نالو مولانا رضا علي خان (رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه) هو.[2] سندن رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو پيدائشي نالو "**محمد**" آهي، امڙ سائڻ "**اَمَّن ميان**" سڏيندي هئي، والدِماجد ۽ ٻين رشتيدار "**احمد ميان**" ۽ ڏاڏي "**احمد رضا**" نالو رکيو. سندن تاريخي نالو "**اَلْمُخْتَار**" آهي، اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه پاڻ پنهنجي نالي کان پهريان "**عبدُالمصطفٰي**" لکندا هئا.[3] جنهن ڏانهن اشارو ڪندي پاڻ پنهنجي مشهور نعتيہ دِيوان "حدائقِ بخشش" ۾ فرمائن ٿا:

خَوف نہ رکھ رضاؔ ذرا تُو تو ہے عَبدِ مُصطَفٰے
تیرے لئے اَمان ہے تیرے لئے اَمان ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

1...حیاتِاعلیٰحضرت،۱/۵۸ملخصاً
2...فاضل بریلوی علمائے حجاز کی نظر میں،ص۶۷بتغیر قلیل
3...تجلیات امام احمد رضا، ص۲۱بتغیر قلیل



www.dawateislami.net

# دِين جي خِدمَت جو نرالو جَذبو

حضرت علامہ مولانا بدرُ الدِّين قادري رَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: صدرُ الشّريعہ حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظميرَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰي عَلَيه قرآن شريف جي صحيح ۽ سولي ترجمي جي ضرورت بيان ڪندي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰي عَلَيه کي ترجمو ڪرڻ جي گُذارش ڪئي ۽ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه وعدو بہ ڪري ورتو، پر دِيني مَسئلن ۾ تمام گهڻو مشغول هئڻ سبب ترجمو ڪرائڻ ۾ دير ٿيندي رهي، آخرڪار پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه فرمايائون: ترجمي جي لاءِ مون وٽ الگ سان ڪو وقت ناهي، ان ڪري پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه رات جو سمهڻ وقت يا ڏينهن ۾ قَيلُولَہ (يعني ٻنپهرن جو ٿورو آرام ڪرڻ) جي وقت ايندا ڪيو. پوءِ صدرُالشّريعہ مُفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا ها ۽ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه زباني آياتِ ڪريمہ جو ترجمو ڪرائيندا ها ۽ صدرُالشّريعہ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه ان کي لکندا ويندا ها، پوءِ جڏهن حضرت صدرُ الشّريعہ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه ۽ ٻين عالم سڳورن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه جي ترجمي جو تفسير جي ڪتابن سان ڀيٽ ڪئي تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويندا ها تہ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه جو اهڙي نموني بر وقت ترجمو ڪرائڻ تفسير جي معتبر ڪتابن جي بالڪل مُطابق هوندو هو.

(فيضانِ اعليٰ حضرت،ص ۴۲۵)

احمد رضا کا تازہ گلستاں ہے آج بھی
خورشیدِ علم ان کا درخشاں ہے آج بھی

کس طرح اتنے عِلْم کے دریا بہا دیئے
عُلَمائے حق کی عقل تو حیراں ہے آج بھی

بھر دی دلوں میں اُلفت و عظمت رسول کی
جو مخزنِ حلاوتِ ایماں ہے آج بھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي ذاتِ مُبارَڪ ۾ دِين جي خدمت جو جذبو ڪيتري قدر سمايل هو جو ايترين مَصروفيتن جي باوُجُود بہ اُمَّت جي آساني ۽ خير خواهي جي جذبي تحت ۽ علم جي نَشرو اِشاعت جي لاءِ نهايت عُمده ۽ بهترين قرآن جو ترجمو "**ڪنزالايمان**" ڪي لکائي ڇڏيو، جنهن کي عالمن سڳورن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين بالڪل شريعت جي مُوافق ڏٺو. اچو! هاڻي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي انهيءَ ترجمَہ قرآن "**ڪنز الايمان**" جون ڪجهہ خُصُوصِيتون بہ ٻڌون ٿا، جيئن

## قرآن جي ترجمي ڪنزُالايمان جون خُصُوصيتون

◈ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه پاڪ و هند جا اهي عَظيم تَرِين مُتَرجِم (ترجمو ڪرڻ وارا) آهن جنهن قرآنِ ڪريم جو اهڙو ترجمو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ قرآن جي رُوح جي حقيقي جهلڪ مَوجُود آهي، حيرت ۽ تعجب جي ڳالهہ اها آهي جو لفظي ترجمو هئڻ سان گڏوگڏ بامُحاوَره بہ آهي ۽ اها پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي تَرجَمي جي نهايت وڏي خُوبي آهي. ◈ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه تَرجَمو ڪرائيندي وقت هن ڳالهہ جو خاص خيال رکيو آهي تہ ترجمو لُغَت جي مطابق هجي ۽ الفاظ جي مختلف مَعنائن مان اهڙي معنيٰ کي چونڊيو وڃي جيڪا پهرين ۽ بعد واري آيت جي تعلُّق کي قائم رکي سگهي. ◈ ان ترجمي مان قرآني حقيقتون، عِلم ۽ مَعارِف جا اهي پوشيده راز ظاهر ٿين ٿا جيڪي عام طور تي ٻين ترجمن سان واضح نٿا ٿين ◈ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي ترجمي جي هڪ نُمايان ترين خصُوصيت هي بہ آهي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه هر مُبارڪ مقام تي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ادب و اِحترام، عزّت ۽ پاڪدامني جو خاص ڪري لحاظ رکيو آهي. (فيضانِ اعليٰ حضرت، ص ٤٢٦) ◈ **تَرجَمو ڪنزُالايمان** علم وحڪمت جو خزانو ۽ ايمان



www.dawateislami.net

جي حقيقي دولت آهي. ◈ تَرْجَمَه كنزُ الايمان ۾ احاديث ِ مُبارڪ، تابعين ۽ تبع تابعين جا اقوال ۽ سلف صالحين رَضِي اللّٰه تَعَالٰي عَنْهم اَجْمَعِين جي اعتماد لائق تفسيرن جو خُلاصو بہ مَوجُود آهي ◈ تَرْجَمَۀ كنزُ الايمان دُنيا جو بهترين قرآن جو ترجمو آهي، جيڪو ڪنهن لائبريري ۾ ويهي يا ڪنهن ٻئي ترجمي کي ڏسي ڪري يا تفسِيرن ۽ حديثن يا لُغتن جي ڪتابن کي پڙهي ڪري ناهي ڪيو ويو بلڪ زباني لکايو ويو آهي.

(ماهنامه معارفِ رضا،ص87، ڪراچي ستمبرتا نومبر2008عيسوي)

خدمت قرآنِ پاک کی وہ لاجواب کی
راضی رضا سے صاحبِ قرآں ہے آج بھی
احمد رضا کا تازہ گُلستاں ہے آج بھی
خورشیدِ علم ان کا درخشاں ہے آج بھی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً قرآنِ ڪريم هڪ مڪمل زندگي جو ضابطو ۽ سلامتي ۽ اَمن سان زندگي بسر ڪرڻ واري دُنيا جي تمام ئي مسلمانن جي لاءِ راهِ هدايت جو حقيقي چراغ آهي، جنهن جي مَفهوم ۽ مَطلب کي سمجهڻ جي لاءِ ان جو آسان ترجمو ٿيڻ ضروري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم جي رائج تمام اُردو ترجمن ۾ سڀ کان بهترين اُردو ترجمو "**ترجمہ قرآن** ڪنز الايمان" آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي مصروف زِندگي مان ڪجهہ وقت ڪڍي قرآنِ پاڪ جي تِلاوت ڪرڻ جو معمول بڻايون.

شيخِ طريقت،اميراهلسُنَّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد اِلياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ترجمو ۽ تفسير سان روزانو تلاوتِ قرآن جي لاءِ، اسلامي ڀائرن جي مدني انعام نمبر 21 ۾ فرمائن ٿا: "**ڇا اڄ توهان ڪنزُالايمان مان گهٽ مان گهٽ ٽي آيتون (۽ ترجمو**



www.dawateislami.net

وتفسير) تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي؟“

جيڪڏهن اسان هن مدني انعام تي روزانو عمل ڪيون ته قرآنِ ڪريم جي تلاوت جي برڪت سان اسان جي گهرن ۾ خيروبرڪت جو نُزول ٿيندو رهندو، ترجمو ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ جي برڪت سان علمِ دين ۾ اِضافو ٿيندو، قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي، معلومات جو خزانو حاصل ٿيندو. مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيڻ واري عظيم الشّان تفسير بنام "صِراطُ الجنان" جو بہ مطالعو ڪيو، هن تفسير ۾ بہ تمام سٺي انداز سان معلومات جو خزانو اُمّتِ مُسلمہ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فتويٰ نويسي جو آغاز ۽ ”فتاويٰ رضويہ“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان دِين جون اهڙيون بي مثال عِلمي خدمتون سر اَنجام ڏنيون جو اڄ تائين سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي نالي جي ڌُوم متل آهي. انهن ڪارنامن مان هڪ بهترين ۽ زبردست علمي ڪارنامو فتويٰ نويسي بہ آهي. جيئن

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه صرف تيرهن (13)سال ڏهہ (10) مهينا چار(4) ڏينهن جي عمر ۾ تمام رائج ٿيل عُلُوم جي تڪميل پنهنجي والدِ ماجد رَئيسُ المُتَڪلِّمِين حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه وٽان ڪري سَنَدِ فراغت حاصل ڪئي. انهيءَ ڏينهن پاڻ هڪ سُوال جي جواب ۾ پهرين فتويٰ لکي هئي. فتويٰ صحيح ڏسي سندن والدِ ماجد مَسندِ اِفتا سندن حوالي ڪيو ۽ آخر وقت تائين فتاويٰ لکندا رهيا. ائين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه



www.dawateislami.net

١٢٨٦ھ کان ١٣٤٠ھ تائين لکين فتوائون لکيون، پر افسوس! سيني کي جمع نہ کيو ويو، جيکي نَقل کيون ويون اُهي "فتاوي رضويہ" ۾ موجود آهن. هر فتوي ۾ دليلن جو سمنڊ چوليون هڻي رهيو آهي. فتاويٰ رضويہ جون 30 جِلدون آهن. هي غالباً اُردو زبان ۾ دنيا جو ضَخيم ترين فتاويٰ جو مجموعو آهي جيکو تقريباً ٻاويھ هزار(22000) صَفحن، ڇھ هزار اٺ سو ستيتاليھ (6847) سُوالن جي جوابن ۽ ٻہ سو ڇھ (206) رسالن تي مُشتَمِل آهي.جنهن ۾ هزارين مسئلا ضِمناً زيرِ بَحث آيا آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه 55 کان وڌيڪ عُلُوم تي عُبُور رکڻ وارا اهڙا ماهر عالم ها جو کافي عُلُومِ عقليہ ونقليہ تي سندن سوين تصنيفون موجود آهن، هر تصنيف ۾ سندن علمي شان وشوکت، فقهي مهارت ۽ تحقيقي بصيرت جا جلوا نظر ايندا آهن، خاص کري فتاويٰ رضويہ تہ فِقہ جي سمنڊ ۾ غوطو لڳائڻ واري جي لاءِ آکسيجن جو کم ڏيندو آهي. (اعليٰ حضرت کي انفرادي کوشش،ص٣۔٢بتغيرقليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي فتوائون جي تعداد سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي فنِ اِفتاء (فتوي ڏيڻ جي صلاحيت) ۾ کامل مهارت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو عوام تہ عوام وڏا وڏا عالم سڳورا ۽ مُفتي سڳورا بہ تحقيقي جوابن ۽ پيچيده مَسئلن جي حَل جي لاءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تحرير کيل فتوائون ڏانهن رُجُوع کندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فتاويٰ رضويہ قرآن، حديث، اِجماع ۽ فقهاء کرام جي جُزئيات (جُزْ۔ئِي۔يات) سان آراستہ هر قسم جي مسئلي جو اهڙو حَسِين گُلدستو آهي، جيکو باقي دنيا تائين جي ماڻهن جي قلب ۽ فکر کي پنهنجي مهکي مهکي خوشبو سان مهکائيندو رهندو ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مزارِ پُرانوار ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بلند درجن ۾ وڌيک



www.dawateislami.net

اضافي جو سبب بڻجندو رهندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مسلکِ حق کی ضمانت ہے ترا نام رضا
شانِ تحقیق ادا کر گیا خامہ تیرا

فاضل ایسا کہ دیا ربّ نے تجھے فضلِ کبیر
عالِم ایسا کہ ہر عالَم ہوا شیدا تیرا

ہر ورق تیرا شریعت کی دلیلِ روشن
ایک قانونِ مکمل ہے فتاویٰ تیرا

تری تحریر پہ اُنگشت بدنداں تھا عرب
تیری تقریر تھی کہ قادری تیغا تیرا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فتاوِيٰ رَضَوِيہ جون خاصيتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! هاڻي اسان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي فِقهي مرتبي کي سمجهڻ جي لاءِ فِقهي مسئلن سان آراستہ بي مثال فتوائون تي مُشتمل مجموعو بنام”فتاويٰ رضويہ“ جي خاصيتُن مان ڪجھ خاصيتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا جيئن

◈فتاويٰ رضويہ ۾ علمِ حديث ۽ علمِ فقہ جي ڪتابن جو ڀرپُور عِلم موجود آهي◈ فتاويٰ رضويہ ۾ نادر ۽ ناياب حوالن جو بہ جڳھ جڳھ تي ذِڪر ڪيو ويو آهي◈ فتاويٰ رضويہ ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ نِت نوان مسئلا حل ڪيا ويا آهن. ◈ فنّ رِياضي ۽ علمِ تَوقِيت سان گڏوگڏ علمِ ميراث جي باري ۾ بہ نادر ۽ ناياب تحقيق موجود آهي◈ ٻيا مذاهبِ (فقهيہ) جي قوانين ۽ جُزئيات جو علم بہ شامل آهي ◈ هر مسئلي ۾ قرآن ۽ سُنّت جي پيروي جو اِهتمام ڪيو ويو آهي ◈ بِدعات ۽ مُنڪرات جو ايمان افروز رَدّ ڪيو ويو آهي◈ ان کان سواءِ سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي تہ وڏن وڏن مُفتين سڳورن کي فقهي مسئلن جي مُعاملي ۾ وقتاً



www.dawateislami.net

فوقتاً فتاويٰ رضويہ جي ضرورت پوندي آهي، گهڻا ئي مفتي سڳورا فتويٰ ڏيڻ جي معاملي ۾ خاص طور تي فتاويٰ رَضويہ کان مدد وٺندا آهن ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آئنده بہ وٺندا رهندا.

(آئينۂ رضويات،حصه۲،ص۲۲۸،ادارۂ تحقيقاتِ امام احمدرضا باب المدينه كراچي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه انهن عالم سڳورن مان آهن جن دينِ حَق کي ڦهلائڻ جي لاءِ انتهائي ذوق ۽ شوق سان عُلُوم ۽ فُنون حاصل ڪيا ۽ ان کان پوءِ انهن عُلوم ۽ فُنون جي فيضان کي پوري ديانتداري سان بي شُمار علمِ دين جي طالبن جي سينن ۾ منتقل ڪيو. يقيناً اها بہ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي واضح ڪرامت هئي، ان ڪري جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڏينهن رات جي معمولات تي نظر وجهي وڃي تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو اڪثر وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ ئي گُذري ويندو هو جيئن تہ مِلِڪ العُلَما حضرتِ علّامہ مفتي محمد ظفرُ الدِّين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اَڪثر وقت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تصنيف وتاليف ۾ مَشْغول رهندا ها. (حياتِ اعليٰ حضرت،۹۸/۱) عام طور تي عالم سڳورا فارغُ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ قدم رکندا آهن ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه طالبِ علمي واري زماني ۾ ئي ڪتاب لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو. (حيات اعليٰ حضرت،۱۴۳/۳۔ ۱۴۴ملتقطاً) جنهن جي هڪ روشن مثال اها آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه صرف 8 سالن جي عمر ۾ درسِ نظامي يعني عالم ڪورس جي نصاب ۾ شامل علمِ نحو جي مشهور ۽ معروف ڪتاب بنام "هَدَايَةُ النَّحْوْ" نہ صرف پڙهي ورتي بلڪ ايتري نديڙي



www.dawateislami.net

عُمر ۾ ئي ان ڪتاب جي عربي زبان ۾ شرح به لکي ڇڏي.
(فيضانِ اعليٰ حضرت، ص۸۶بتغير قليل)

اگلوں نے بھی لکھا ہے بہت علمِ دین پر
جو کچھ ہے اس صدی میں وہ تنہا رضا کا ہے

احمد رضا کا تازہ گلستاں ہے آج بھی
خورشیدِ علم ان کا درخشاں ہے آج بھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي تصنيفن جو تعداد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت،امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ها، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه هڪ بهترين مُحَقّق ۽ مُصَنّف به ها، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جو تحقيقي انداز اڄ جي دور جي تحقيقي اندازَ کان به بهتر هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه پنهنجي عِلمي مقالن، رسالن ۽ ڪتابن کي عقلي ۽ منقول دلائل سان اهڙو مُزَيّن ڪندا ها جو ان کي پڙهڻ وارو تنگي محسوس نه ڪندو هو بلڪ مطمئن ٿي ويندو هو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جون تصنيفون، شُروحات ۽ حواشي جو تعداد تقريباً هڪ هزار آهي. تصانيف ۽ شُروحات کان علاوه پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جا گهڻا مَقالات، مڪتوبات، ملفوظات وغيره به آهن، جن جي تعداد جو صحيح اندازو ناهي ٿي سگهيو.
(فيضانِ اعليٰ حضرت،مُلتقطاً،ص۵۶۵-۵۶۶)

عِلْم کا چشمہ ہوا ہے مَوجزَن تحریر میں
جب قَلَم تُو نے اُٹھایا اے اِمام احمد رضا

تُو نے باطل کو مٹا کر دِین کو بخشی جِلا
سُنّتوں کو پھر جلایا اے اِمام احمد رضا

اے اِمامِ اہلسنّت نائبِ شاہِ اُمم
کیجئے ہم پر بھی سایہ اے اِمام احمد رضا

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ !اوهان ڏٺو ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه ڪيتري قدر



www.dawateislami.net

محنت سان مختلف عُلوم ۽ فُنون ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ پوءِ اَسلافِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيهِم اجمعين جي طريقي تي هلندي ان جي فيضان سان ماڻهن کي فيضياب ڪيو ۽ دِينِ متين جي اها عظيمُ الشَّان خدمت ڪئي جو عرب ۽ عجم ۾اج بہ سندن جي علمي شان و شوڪت ۽ دِيني خدمتن جي ڌوم متل آهي، يقيناً اهو سڀ اللہ عَزَّوَجَلَّ جو خاص فضل ۽ احسان، ان جي مدني حبيب صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اولياء ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيهِمۡ اَجۡمَعِين جي خصوصي فيضان جي برڪت ۽ اشاعتِ علم جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جي بدولت ئي ممڪن ٿي سگهيو، چوتہ جڏهن اسان اوهان جي مصروفيتن ڏانهن ڏسندا آهيون تہ عَقُلَ حيران رهجي ويندا آهن تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه ايتري گهٽ وقت ۾ ايترا سارا معمولات اُهي بہ اَحسن انداز ۾ ڪهڙي نموني نپائيندا هئا. اچو! هاڻي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جي روز مَرّه جي معمولات جي هڪ جهلڪ مُلاحظہ ڪيون ٿا، جيئن تہ

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جو هميشہ معمول هو تہ تصانيف ۽ تاليف، مُطالعو ۽ اَوراد و وظائف جي خيال سان گهر ۾ ئي تشريف فرما رهندا ها، صرف پنجن نمازن جي وقت مسجد ۾ ايندا ها، سياري ۾ عصر کان مغرب مسجد ۾ ئي رهندا ها، تمام حاضرين بہ اعتڪاف جي نِيت سان مسجد شريف ۾ئي حاضر رهندا ها ۽ اتي تعليم ۽ تلقين جو سلسلو جاري رهندو هو، مغرب جي نماز پڙهي ڪري پنهنجي گهر ۾ تشريف وٺي ويندا ها، اهو سندن رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جي روزاني جو معمول هو.(فيضانِ اعليٰ حضرت،ص۱۰۷ملتقطاًبتغيرقليل)

| | |
|---|---|
| جو علم کا خزینہ کتابوں میں ہے تیری | ناموسِ مصطفےٰ کا وہ نگراں ہے آج بھی |
| احمد رضا کا تازہ گلستاں ہے آج بھی | خورشیدِ علم ان کا درخشاں ہے آج بھی |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## اعليٰ حضرت ۽ مَنصَبِ تَدرِيس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تصنيف کان علاوه پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه درسي ڪتابن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ تدريس جي شُعبي سان وابسته ٿي ڪري عِلمي خدمتون سَر اَنجام ڏنيون آهن. ٻين شهرن ۾ موجود مَرڪزن جا شاگرد به اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي تعريف ۽ عُلوم وفُنون ۾ مهارت ۽ خوبين کي ٻڌي سندن خدمت ۾ علم حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي فيض کان برڪتون ماڻڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا رهيا، اهڙي طرح سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي ذات آهسته آهسته تدريسي ميدان ۾ مشهور ٿيندي وئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته جيڪو خوش نصيب مسلمان دينِ متين جي سربُلندي جي لاءِ سچي نِيت سان علمِ دين جي خدمت جو جذبو کڻي، ان کي ڦهلائي علم جا ڏيئا روشن ڪري، پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جي مقدس جذبي تحت، نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ته الله تعاليٰ ان کي اهو مرتبو ۽ مقام عطا ڪندو آهي جو ماڻهو ان جي علمي خدمتن جو اِعتراف ڪندي ۽ ان جي عظمتن جي ساراهه ڪندي نظر ايندا آهن. بهرحال وقت گُذرڻ سان گڏوگڏ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي علمي خدمتن ۽ اندازِ تدريس جو فيضان گهٽن شهرن تائين عام ٿيندو ويو.

مِلڪ العُلَما حضرتِ علاّمہ مفتي محمد ظفرُ الدِّين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا: 1276ھ کان 1340ھ تائين 54 سالن جي عرصي ۾ ڪيترا سو(100) نہ ڪيترا هزار (1000) شاگرد اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي علوم جي روشني کان فيضياب ٿيا، ان جو ڪو رجسٽر ته نہ هو، جو سيني جو نالو داخلي جي وقت لکيو وڃي ها ۽ جيڪڏهن تصنيفات جي ذريعي سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي



www.dawateislami.net

عُلُوم ۾ فُيوض کان مستفيض ٿيڻ وارن جو تعداد معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته شايد انهن جو شُمار هزارن بلڪ لکن تائين پهچي ويندو. (حيات اعلٰي حضرت، ١٤٦/٣-١٤٥ ملخصاً) شايد ان جو سڀ کان وڏو سبب هي آهي ته اعلٰيٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه تمام ننڍي عُمر کان ئي پڙهڻ پڙهائڻ جو سلسلو باقاعده شُروع ڪري ڇڏيو، جيئن اعلٰيٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: فقير جو درس (يعني عالم ڪورس) بِحَمْدِهٖ تعالٰيٰ تيرهن (13) سال ڏهه (10) مهينا چار(4) ڏينهن جي عُمر ۾ ختم ٿيو، ان کان پوءِ ڪجهه سالن تائين شاگردن کي پڙهايو. (فيضانِ اعلٰي حضرت،ص٩٢)

عالم ہی صرف کہنا کب شان ہے تیری
جبکہ ہزاروں تُو نے عالم بنادیے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُطالعو ڪرڻ جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعلٰيٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي پاڪ سيني ۾ علمِ دين سکڻ، علمِ دين جي خدمت ڪرڻ ۽ مُطالعو ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو ڪيتري قدر سمايل هو ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته هڪ ڀيري اوهان کان سوال ٿيو: اوهان حديث شريف جا ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا آهن؟ ته امامِ اهلسنت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه حديث شريف جي تقريباً ٽيهه (30) ڪتابن جا نالا وٺڻ کان پوءِ فرمايو ته پنجاهه کان وڌيڪ حديث جا ڪتاب منهنجي درس و تدريس ۽ مُطالَعي ۾ رهيا آهن. (اظهار الحق الجلي:٤٠، بتغير)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ اسان به اعلٰيٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه سان مَحَبَّت ڪيون ٿا ۽ اها مَحَبَّت هن ڳالهه جو تقاضو ڪري ٿي ته جهڙي نموني اعلٰيٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه دِين جي خدمت جي ذِميداري سنڀالي، علم جي پياسن کي



www.dawateislami.net

سيراب ڪيو ۽ پنهنجي قابليت جي بنا تي عِلمي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ ڪي مجرايو، اهڙي طرح پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي نقشِ قدم تي هلندي اسان ڪي بہ پنهنجي اندر عِلمِ دِين سکڻ، ان تي عمل ڪرڻ، ٻين تائين پهچائڻ ۽ دِيني ڪتابن جو مُطالَعو ڪرڻ جو ذوق ۽ شوق وڌائڻ گهرجي، ڇوتہ علم هڪ اهڙي خُوبي آهي جيڪا انسان کي ٻي مخلوقات کان مُمتاز ۽ ان جي ظاهر ۽ باطن کي زِندگي بخشندي آهي، عِلم انسان جي بُنيادي ضرورتن ۾ شامل آهي، رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ عِلم حاصل ڪرڻ جي برڪت سان خوف ۽ خَشِيتَ نصيب ٿيندو، عِلم جي ڳولا ڪرڻ عبادت آهي، عِلم جو تڪرار ڪرڻ تسبيح آهي، عِلم سيکارڻ صدقو آهي، عِلم جي لاءِ خرچ ڪرڻ نيڪي آهي، عِلم حلال ۽ حرام جي سڃاڻپ جو سبب بڻجندو آهي، عِلم جنّت وارن جي راهہ جو نشان آهي، عِلم گهبراهٽ ۽ خوف جي وقت سڪون جو باعث آهي، عِلم سفر ۾ بهترين همنشين آهي، عِلم تنگدستي ۽ خوشحالي ۾ رهنما آهي، عِلم جي ذريعي ٻانهو اللّٰه وارن واري منزل ماڻيندو آهي ۽ دُنيا ۽ آخرت ۾ بلند مرتبي تائين پهچي ويندو آهي. عِلم حاصل ڪرڻ جو هڪ مَضبُوط تَرين ذريعو دِيني ڪتابن جو مُطالعو ڪرڻ بہ آهي. مطالعو انسان جي نہ صرف ذاتي ترقي جو سبب آهي بلڪ مذهب، ملّت، مُعاشري جي تعمير ۽ ترقّي جو اَهم حِصو بہ آهي. مُطالعو ڪرڻ قابليت جي ڪنجي ۽ صلاحيتن کي بيدار ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي.

(مُطالعه کيا،کيوں اورکيسے، ص۱۳بتغيرقليل)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کان علاوه بہ مُطالعو ڪرڻ جا بي شمار فائدا ۽ ثمرات آهن، جيڪي دنيا ۽ آخرت ۾ انسان جي ڪم ايندا آهن. اچو! ترغيب لاءِ مُطالعي جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل ٻڌون ٿا. جيئن



www.dawateislami.net

◈ جڏهن ڪنهن دِيني ڪتاب کي پڙهنداسين تہ ايمان کي تازگي ملندي ۽ انسان جي دل ۾ توحيد و رسالت جي شمع وڌيڪ روشن ٿيندي ويندي ۽ اهڙي طرح مُطالعو ڪرڻ سان ايمان جي مضبوطي ۽ پختگي حاصل ٿيندي رهندي. ◈ مُطالعو ڪرڻ جو سڀ کان پهريون ۽ اصل مقصد عِلم حاصل ڪرڻ ئي هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ جتي مُطالعو انسان جي شخصيت کي ترقي جي بُلند منزلن تائين پهچائڻ جو ذريعو آهي، اتي اهو علم حاصل ڪرڻ جو وسيلو بہ بڻجندو آهي. ◈ مُطالعو ڪرڻ سان ڪائنات جي اندر غور و فڪر ڪرڻ جو ذِهن بڻجندو آهي جيڪو ڪڏهن هڪ عام انسان کي فرش جي پستي تان ڪڍي عرش جي بُلنديءَ تائين پهچائيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ قرآنِ ڪريم ۾ بہ ڪائنات جي اندر غوروفڪر ڪرڻ جي نهايت گهڻي ترغيب ڏياري وئي آهي. ◈ مُطالعو ڪرڻ سان عقل ۽ شُعور ۾ اِضافو ٿيندو آهي ۽ باشُعور انسان کي اها خبر پوندي آهي تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي ڇا ڳالهائڻو آهي؟ ان ڪري اهو هميشہ ڪاميابيون ۽ عِزّتون گڏ ڪندو ويندو آهي، جڏهن تہ بي شُعور انسان انهن ڳالهين کان محروم رهندو آهي جنهن سبب ان جي حِصّي ۾ اڪثر ناڪامي ۽ ذِلّت ئي ايندي آهي. ◈ مطالعو انسان جي دِيني ۽ دُنياوي ٻنهي ترقّين جو سبب بڻجندو آهي ۽ اهو مُطالَعو ڪرڻ جو سڀ کان اَهم فائدو آهي. ◈ مُطالعو ڪرڻ طبيعت ۾ خوشي، نگاهن ۾ تيزي ۽ ذِهن ودِماغ کي تازگي عطا ڪندو آهي. جهڙي طرح هڪ سنو دوست اسان کي دِلچسپ ڳالهيون ۽ حيرت انگيز معلومات ڏيندو آهي، اهڙي طرح ڪتاب بہ هڪ بهتر رفيق ۽ ساٿي جهڙو ڪردار ادا ڪندو آهي. ◈ مُطالعو انسان کي مختلف قومن جي حالتن ۽ ان جي تهذيب ۽ ثقافت وغيره جون خبرون ڏيندو آهي ۽ هنن خبرن ۾ انسان پنهنجي ۽ ٻين تهذيبن جو تَقابل ڪندو ۽ پوءِ ترجيح جو سبب



www.dawateislami.net

ڳوليندو آهي. (مطالعه کيا، کيوں اورکيسے،مُلتقطاً،ص١٦تا ٢٠)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو، مُطالَعو ڪرڻ جا ڪيترا فائدا آهن تنهنڪري اسان کي ڀي کپي ته اسان پنهنجو وقت فُضُول ڪمن ۾ برباد ڪرڻ جي بدران روزانو مُطالعو ڪرڻ پنهنجي عادت بڻايون بلڪ ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته مڪتبة المدينہ جي شائع ڪيل ڪو ڀه ڪتاب يا رسالو هر وقت اسان سان گڏ هجي ته جتي موقعو ملي ڪجهه نه ڪجهه مُطالعو ڪري عِلمِ دِين جا موتي گڏ ڪري سگهون. دِين جي خدمت ۽ حُصُولِ عِلمِ دِين جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفرڪرڻ ڀه آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن جي برڪت سان جتي فرائض ۽ واجبات، سُنَن ۽ مُستحبات تي عمل جي سعادت نصيب ٿيندي آهي، اتي وُضُو ۽ غسل، نماز روزي ۽ مختلف وقتن ۾ پڙهيون ويندڙ دُعائن جي صورت ۾ علم جو وڏو خزانو ڀه هٿ ايندو آهي. هر مهيني مدني قافلي ۾ سفرڪرڻ سان هڪ فائدو اهو ڀه حاصل ٿيندو ته اسان کي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم تي عمل ۽ راهِ خدا ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿيندي ۽ جيڪي قدم راهِ خدا ۾ خاڪ آلُود ٿيندا آهن، ان کي جهنّم جي باهه نه ساڙيندي. (مسند احمد ،حديث: ١٥٩٣٥، ٥ /٣٩٦ ) اچو! هاڻي مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## خواب ۾ اعليٰ حضرت جو ديدار

پنجاب (پاڪستان) جي شهر خانيوال جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته دعوتِ اسلامي جي ذميدار اسلامي ڀاءُ ڪافي عرصي کان اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي مون کي مَدَني قافلي ۾ سفر



www.dawateislami.net

ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا رهيا، پر مان هميشہ اُن کي ٽاريندو هئس، نيٺ انهن جي اِنفرادي ڪوشش جو ثمر ظاهر ٿيو ۽ مان مَدَني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اسان جو مدني قافلو هڪ ڳوٺ ۾ موجود هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي مزارشريف سان لڳو لڳ يعني قريب هڪ مسجد ۾ ترسياسين، مدني قافلي جي آخري ڏينهن ۾ ان بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي مزارشريف وٽ ويهي دُرُود شريف پڙهي رهيو هئس تہ منهنجي اک لڳي وئي چا ٿو ڏسان تہ هڪ نوراني چهري وارا بزرگ تشريف فرما آهن ۽ سندن پويان بہ ڪجهہ نوراني چهري وارا بُزرگ ويٺا آهن. مون انهن مان هڪ کان پڇيو تہ اهي بزرگ ڪير آهن؟ انهن فرمايو: اِهي سُنّين جا امام، اِمام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه آهن. اهڙي طرح مَدَني قافلي جي بَرَڪت سان اعليٰ حضرت امام احمد رضاخان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي خواب ۾ زِيارت نصيب ٿي وئي ۽ مَدَني قافلي جي بَرَڪت سان مون کي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول بہ مُيسَّر ٿي ويو.

اعلیٰ حضرت سے ہمیں تو پیارا ہے　　اِنۡ شَآءَ الله اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عصري عُلوم جي ذريعي دين جي خدمت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُنياوي عُلوم ۽ فنون ۾ ”سائنس“ ۽ ”رياضي“ کي وڏي قدر ۽ منزلت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. اڄوڪي دور ۾ انهن علمن جا ماهر ماڻهو ئي مُعاشري جو قابل ۽ اَهم ترين فرد سمجهندا آهن. جڏهن تہ اسان جو اَسلافِ ڪرام، رِضاءِ الٰهي جي خاطر دِين کي ڦهلائڻ جي لاءِ اهي عُلُوم سکندا سيکاريندا رهيا آهن، حالانڪ اُن دور ۾ اهي جديد سهولتون بہ موجود نہ هيون، جيڪي اسان جي زماني ۾ موجود آهن، پر



www.dawateislami.net

تاريخ گواهه آهي تہ مسلمانن سائنس ۽ رياضي جي ميدانن ۾ ساراهہ لائق ڪارناما سر انجام ڏنا، اِنهي مان هڪ عَظِيم هستي سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه بہ آهن جنهن هڪ صَدِي پهريان سائنس ۽ رياضي ۾ بهترين دِيني خدمتون پيش ڪيون، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي علمِ سائنس تي وڏي گهري نظر هئي، پاڻ علمِ سائنس کي اسلام جي روشني ۾ ڏسندا ۽ پَرکندا ها، جيڪڏهن ان جا نظريا اسلام جي مُطابق هوندا ها تہ ان کي قبول ڪندا ها ۽ جيڪڏهن اسلامي نظرين جي خلاف هوندا ها تہ ان کي رد ڪري ڇڏيندا ها ۽ ان جو رَدّ ڪندي ان موضوع تي اسلامي مؤقف ۽ نظريي کي واضح ڪندا ها. اچو! علمِ سائنس ۽ رِياضي جي باري ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه جي زِندگي جي ڪجھ روشن پهلوئن جي باري ۾ پڙهون ٿا، جيئن

## سائنس جي اصليت بڌائي ڇڏي

هڪ ڀيري مشهور سائنس دان پروفيسر حاڪم علي پرنسپل اسلاميہ ڪالج لاهور پنهنجي هڪ خط ذريعي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰي عَلَيه کي جديد سائنسي نظرين کي قَبول ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ ان جي فائدن جو بہ سمجهايو پر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰي عَلَيه ان جي جواب ۾ لکيو: سائنس ان طرح مسلمان نہ ٿيندي جو اسلامي مسئلن کي سائنس جي مطابق ڪيو وڃي، چوتہ ائين ڪرڻ سان تہ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ اِسلام کي سائنس جي مطابق ڪرڻ لازم ٿيندو. تنهنڪري جيترا بہ اسلامي مسئلا سائنس جي خلاف آهن، سيني ۾ اسلامي مسئلن کي روشن ڪيو وڃي، سائنس جي دليلن کي رَد ڪيو وڃي، هر هنڌ سائنس جي ئي قولن مان اسلامي مسئلي جو ثُبوت هجي ۽ اهو اوهان جهڙي عقل مند سائِنسدان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان دُشوار نتو ٿي سگهي. (فيضان اِعليٰ حضرت،ملتقطاً،ص٥٦٢-_٥٦٣)



www.dawateislami.net

استاذُ العلماء، حضرت مولانا مُفتي تقدس علي خان رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي علمِ سائنس ۾ مَهارت ۽ قابليت کي بيان ڪندي فرمائن ٿا: مون پنهنجي طالبِ علمي واري زماني ۾ ڏٺو آهي تہ جڏهن بہ مولوي حاڪم علي صاحب، بريلي شريف ايندا ها تہ مولوي صاحب ۽ اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه مختلف سائنسي آلات کي ڪوهہ ۾ لٽڪائي زمين جي حرڪت يا رڌِ حرڪتِ زمين **(يعني زمين گهمي ٿي يا نہ ان)** جي باري ۾ تجربا ڪندا ها ۽ ان مسئلي تي تفصيلي دليلن سان بحث ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ ان وقت مون کي اهي بحث ۽ دلائل سمجهہ ۾ نہ ايندا ها پر پوءِ بہ غور سان ان دلچسپ کيل کي ڏسندو هئس."

(فيضان اعلي حضرت،ص٥٦٣)

اهڙي طرح اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه علمِ رياضي جي ذريعي علمِ فقہ ۾ جيڪي خدمتون ڏنيون اهي بہ تاريخ اسلام ۾ پنهنجو مِثال پاڻ آهن، مثال طور قبلي جو طرف معلوم ڪرڻ جي مهارت، سج ايرڻ ۽ لهڻ جو وقت ڪيڻ، نمازن جا وقت، زڪوٰة ۽ فطره جي لاءِ اَوزان ۽ پيمانن جو شرعي تَعين، مُسافر جي لاءِ جديد مِيلن جي اعتبار سان سفر جو مِقدار ڪيڻ وغيره جهڙن بي شُمار مسئلن تي پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جي ناياب تحقيق فقُہ اسلامي ۾ عِلم جي هڪ باب جو (وڏيڪ) اضافو ڪيو آهي.

(فيضانِ اعليٰ حضرت،ص ٥٤٧بتغيرقليل)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جون علمي خدمتون ايتري قدر گهڻيون آهن جو دل چاهي ٿي تہ بس ٻڌندا ئي رهون، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فيضانِ اعليٰ حضرت سان دعوتِ اسلامي ڏينهون ڏينهن ترقي جون منزلون



www.dawateislami.net

طئي ڪندي پئي وڃي، فيضانِ اعليٰ حضرت سان 100 فيصدي اسلامي چينل "مدني چينل" هڪ اليڪٽرانڪ مبلغ بڻجي گهر گهر نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيو آهي، مدني چينل جي ڪيئي سلسلن (Programs) ۾ به اعليٰ حضرت جو مُبارڪ تذڪرو ٿيندو رهندو آهي، دعوتِ اسلامي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي تعليمات جي روشني ۾ خدمتِ دين جي ڪم و بيش 103 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شعبو دارُالاِفْتاء اَهلسُنَّت به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اُمّت مسلمه جي شرعي رهنمائي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت بابُ المدينه (ڪراچي)، زَم زَم نگر (حيدر آباد باب الاسلام سنڌ)، سردار آباد (فيصل آباد)، مرڪزُالاولياء (لاهور)، راولپنڊي ۽ گلزارِ طيبه (سرگودها) ۾ دارُالافتاء اهلسنَّت قائم آهن. ان ڪانسواءِ ”دارُالافتاءاهلسنَّت“ جا عالم سڳورا، ٽيلي فون، واٽس اَيپ (Whatsapp) ۽ اِنٽر نيٽ تي سڄي دُنيا جي مُسلمانن جي طرفان پڇا ڪيل مَسئلن جو حل ٻڌائيندا آهن. اِنٽرنيٽ جي ذريعي سڄي دُنيا مان ان ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي به سوال پڇي سگهجن ٿا، ۽ سڄي دُنيا مان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن نمبرن تي رابطو به ڪري سگهجي ٿو. نمبر نوٽ فرمائي ونو.

0300-0220112-------0300-0220113

0300-0220114--------0300-0220115

پاڪستاني وقت جي مُطابِق صبح 10 بجي کان شام 4 بجي تائين هنن نمبرن تي رابطو ڪري سگهجي ٿو، جُمُعي جي ڏينهن موڪل هوندي آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## هڪ وقت ۾ ڪيئي ڪم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جون علمي خدمتون روشن ڏينهن وانگر ظاهر آهن، جنهن جي باري ۾ اهو چوڻ بي جا نہ ٿيندو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ڄڻ تہ ڪم ڪرڻ جي مشين ها، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي اها عادتِ مُبارَڪ هئي تہ وقت بالڪل ضائع نہ ڪندا ها، بلڪ اڪثر علمي ڪمن ۾ ئي مصروف رهندا. جيئن تہ عُلُوم وفُنون جي ماهر حضرت علامہ عبدُالحق خيرآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کان سوال پڇيو تہ بريلي شريف ۾ اوهان جون ڪهڙيون مصروفيتون آهن؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جواب ڏنو: تدريس (پڙهائڻ)، اِفتا (فتوي ڏيڻ)، تصنيف (ڪتاب وغيره لکڻ). (حيات اعليٰ حضرت،١/٢٠٦بتغير قليل) ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هڪ ئي وقت ۾ ڪيئي ڪيئي ڪم سَر اَنجام ڏيندا ها تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو علمِ دِين جي فيضان مان فيضياب ٿي سگهن ۽ ائين علمِ دِين جي خدمت بہ ٿيندي رهي، جيئن

خليفهء اعليٰ حضرت، محدّثِ اعظم هند حضرت علامہ سيد محمد ڪڇوڇوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي مبارڪ عادت هئي تہ سُوال هڪ هڪ مفتي کي ورهائي ڏيندا ها ۽ پوءِ اسان سڀ ڏينهن محنت ڪري جواب مرتّب ڪندا هئاسين، پوءِ عصر ۽ مغرب جي وچ واري مختصر وقت ۾ هر هڪ کان پهريان سوال پوءِ جوابي فتويٰ ٻڌندا ها ۽ هڪ ئي وقت سڀ کان ٻڌندا ها انهيءَ مختصر وقت ۾ مصنف پنهنجي تصنيف ڏيکاريندا ها، زباني سوال ڪرڻ وارن کي بہ اجازت هئي تہ جيڪو چوڻ چاهين چوَن ۽ جيڪو ٻڌائڻ چاهين ٻڌائن.

ايترا آواز، ايتري قدر جُداگانہ ڳالهيون ۽ صرف هڪ ذات کي سيني



www.dawateislami.net

ڏانهن توجه ڪرڻ، جوابات جي تصديق ۽ اصلاح، مصنفن جي تائيد ۽ غلطين جي درستي، زباني سُوالن جو اطمينان بخش جواب وغيره، اهڙي موقع تي علم ۽ فن جا وڏا وڏا عالم جتي مٿو جهڪائي چُپ ٿيندا ها ته ڪنهن جي ٻڌن ڪنهن جي نه ٻڌن، پر بارگاهِ اعليٰ حضرت ۾ سيني کي ٻڌو ويندو هو ۽ سيني جي اصلاح به ڪئي ويندي هئي، ايستائين جو اَدبي خطا تي به نظر پوندي هئي ته ان کي به درست ڪندا ها.

(فيضان اعليٰ حضرت، ص٢٢٣)

حشر تک جاری رہے گا فیض مُرشِد آپ کا
فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي جن مبارڪ هستين جا سينہ خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي سان مُنَور هوندا آهن، انهن جي بارگاهه ۾ اچڻ وارو ڪڏهن خالي ناهي ويندو، گمراهن کي سڌي واٽ جي دولت نصيب ٿيندي آهي، علم جا پياسا سيراب ٿيندا آهن، عاشقانِ رسول جو عشق اجان وڌندو آهي، بي عملن کي نيڪ عملن جي توفيق نصيب ٿيندي آهي. تنهنڪري اسان کي کپي ته اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ، سندن تعليمات مان فائدو کڻڻ ۽ خدمتِ دين جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي ۽ خاص ڪري شيخ طريقت،امير ِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي دامن سان وابسته ٿي وڃون، چاڪاڻ ته امير ِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو شمار،امامِ اهلسنّت رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي سچي مُحِبّن ۾ ٿئي ٿو ته جنهن کي اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي شخصيت ۽ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي ڪارنامن پنهنجو گرويده بڻايو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي تعليمات جي مُطابق دِينِ مَتِين جي اِنتهائي شاندار انداز ۾ خدمتون سَرانجام ڏئي رهيا آهن. جنهن جو واضح ثُبوت اوهان جون پُرتاثير



www.dawateislami.net

تحريرون، سُنَّتن پريا بيان ۽ علم وحڪمت سان ڀرپور مدني مُذاڪرا آهن جيڪي ترجمو قرآن ڪنزالايمان، فتاويٰ رضويہ جي جُزئيات ۽ حدائقِ بخشش جي رِقّت سان ڀرپُور شعرن سان سينگاريل هوندا آهن. اچو! هاڻي امير ِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي زباني ٻڌون ٿا تہ اوهان کي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه سان ڪيتري قدر مَحَبَّت ۽ عقيدت آهي، جيئن

## اميرِاهلسنت جي اعليٰ حضرت سان مَحَبَّت

اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي "سَيدي قُطبِ مدينہ" ۾ تحرير فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان ننڍپڻ کان ئي امامِ اَهلسنّت مولانا شاهہ امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي شخصيت سان مُتَعارَف ٿي چڪو هئس، پوءِ جيئن جيئن شُعور ايندو رهيو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي مَحَبَّت دل ۾ پڪي ٿيندي وئي. پوءِ مون کي اوهان جي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ جو شوق پيدا ٿيو تہ هڪ ئي واسطي سان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي دامن کي پڪڙي ورتو (يعني سَيدِي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي ذريعي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جو دامن مليو) (سَيدي قُطبِ مدينه، ص٢)

انهيءِ عقيدت ۽ محبت جو صدقو آهي جو اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي زندگي جو پهريون رِسالو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي سيرت جي باري ۾ لکيو، جنهن جو نالو "**تذڪره امام احمد رضا**"رکيو ۽ اهو 25 صَفَرُ الْمُظَفَّرْ ١٣٩٣ھ تي "**يومِ رضا** "جي موقعي تي جاري ڪيو.

اچو! هاڻي اَميرِاهلسُنَّت جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه سان مَحَبَّت جو هڪ ايمان افروز وا قعو ٻڌون ٿا، جيئن

شيخ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پهريون پيرو پير و مُرشد جي



www.dawateislami.net

شهر بريلي شريف پهتا تہ جيستائين قيام رهيو، پاڻ ادب ڪندي پيري اگهاڙي رهيا ۽ جڏهن اعلٰي حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مزارِ مبارڪ تي حاضري جو وقت آيو تہ نهايت ادب سان مزارِ مُبارڪ تي حاضر ٿيا، حاضري دوران هڪ بُزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي باري ۾ ڪنهن ٻڌايو تہ انهن اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ڏٺو آهي تہ پاڻ ۽ سندن جي ٻنهي شهزادن اعلٰي حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي زيارت ڪرڻ واري جي اکين کي چمي ڏني.

اعلٰی حضرت سے ہمیں تو پیار ہے    اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!    صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي علمي خدمتن جي باري ۾ ٻڌو تہ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مختلف عِلمي خدمتن جي ذريعي اُمّتِ مُسلمہ کي سيراب فرمايو، مثلاً

- اعلٰي حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جن مان هڪ "ڪنزالايمان" قرآنِ ڪريم جو شاندار ترجمو ڪري ماڻهن جون اکيون ٺڏيون ڪيون.
- اعلٰي حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جو پاڻ علمِ دِين جا بي شُمار اهي قيمتي موتي عطا ڪيا جنهن سان اڄ بہ اُمّتِ مُسلمہ هدايت ۽ رهنمائي حاصل ڪري رهي آهي ۽ باقي دُنيا تائين ڪنزالايمان جو فيضان جاري رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ
- اعلٰي حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جو پاڻ درس وتدريس جي ذريعي علم جي اڃايلن کي سيراب ڪيو.



www.dawateislami.net

- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه جي فيضان سان مالامال ڪيئي عالم تيار ٿيا.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه جي فيضان سان ڪيئي خطيبَ منصبِ خطابت کي سنڀاليو.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه جي فيضان سان ڪيئي اساتذه ڪرام منصبِ تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي علمِ دِين جي چراغ سان جهالت جي اونداهين کي دُور فرمايو ۽ اڄ بہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو سلسلو جاري و ساري آهي.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جو پاڻ ڪثير تعداد ۾ فتاويٰ لکي ماڻهن جي دِيني ۽ علمي اُلجهنون پري ڪيون. بالخصوص اُردو زبان ۾ دنيا جو اهو ضَخيم ترين فتاوائون جو مجموعو بنام "فتاويٰ رضويہ" اُمّتِ مُسلمہ کي عطا فرمايو جيڪو 30 جلدن، تقريباً ٻاويهہ هزار(22000) صَفحن، ڇهہ هزار اٺ سو ستيتاليهہ (6847) سُوالن جي جوابن ۽ ٻہ سو ڇهہ (206) رسالن تي مُشتَمِل آهي.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جو پاڻ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکي اسان جي رهنمائي جو سامان ڪيو.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه جون دِيني خدمتون اهڙيون هيون جو پاڻ علمي موضُوعن تي املا ڪرائي (يعني لکرائي) ڪري بہ علم جي بي مثال خدمت فرمائي.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه فنِّ شاعري ۾ بہ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون، پاڻ رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰي عَلَيه اُرۡدُو، عَرَبي ۽ فارسي وغيره زبانن ۾ نعتون



www.dawateislami.net

لکيون آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي ڪلام جي مجموعي جو نالو "حدائقِ بخشش" آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن نعتيہ ديوان ۾ فَصاحت وبَلاغَت جا اهي دَريا وهايا آهن جو زماني جي ڪيئي نامي گِرامي شاعر ۽ اَديب جڏهن "حدائقِ بخشش" جو مُطَالَعَو ڪندا آهن، تہ انهن جا عقل دَنگ رهجي ويندا آهن ۽ اهي داد ۽ تَحسين ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن.

الله تبارڪ وتعاليٰ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي صَدقي اسان کي بہ علمِ دِين حاصل ڪرڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ علمِ دِين جي ذريعي اُمّتِ مُسلمہ جي خُوب خُوب خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (4)

سُنّتيں عام کريں دِين کا ہم کام کريں
نيک ہو جائيں مسلمان مدينے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[4]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

## نڇ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان نڇ ڏيڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ کي نِڇ پسند آهي ۽ اوباسي ناپسند. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226) ﴿2﴾ جڏھن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي تہ ملائڪ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏھن اُهو رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: الله عَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (المعجم الڪبير ج 11 ص 358 حديث 12284) ◈ نڇ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، نِڇ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ◈ نِڇ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان نڇ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ◈ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو نڇ ڏيڻ وارو ٻڌي. (بهار شريعت، جلد 3 حصو 16، ص 476) ◈ جواب ٻڌي نڇ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ”يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَيُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (فتاوىٰ هندية،۵/ ۳۲۶) ◈ جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي



www.dawateislami.net

بيمارين کان محفوظ رهندو. (مراٰۃ المناجیح ج 6 ص 396) ﴿8﴾ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو ڇڪ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڙهن ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو. (مرقاۃ المفاتیح، ۸/ ۴۹۹،تحت الحدیث:۴۷۳۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (5)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (6)

---

5 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

6 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(7)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(8)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٔ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(9)

---

7...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

8...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

9...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(10)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(11)

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[10]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[11]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net